SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريه 1982
SINDH ORDINANCE NO.II OF 1982
سنڌ يونيورسٽيز لاز (ترميم) آرڊيننس، 1982
THE SIND UNIVERSITIES LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1982

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement
2. سنڌ ايڪٽ XXIV ۽ XXV مجريه 1972 جي دفعه 14 ۽ 23 ۾ ترميم
Amendment of Sections 14 and 23 of Sind Acts XXIV of 1972
3. سنڌ ايڪٽ II ۽ IV مجريه 1977 جي دفعه16 ۽ 28 ۾ ترميم
Amendment of Sections 16 and 28 of Sind Acts II and IV of 1977
4. سنڌ ايڪٽ II ۽ IV مجريه 1977 جي دفعه 16۽ 28 ۾ ترميم
Amendment of Section 16 of Sind Act V of 1977

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريه 1982
SINDH ORDINANCE NO.II OF 1982
سنڌ يونيورسٽيز لاز (ترميم) آرڊيننس، 1982
THE SIND UNIVERSITIES LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1982

[13 فيبروري 1982]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ جي يونيورسٽيز ۾ نافذ العمل ڪيترن ئي ايڪٽس جي دفعات ۾ شقن کي تبديل ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

هن آرڊيننس جي ذريعي سنڌ جي يونيورسٽين ۾ نافذ العمل ڪيترن ئي ايڪٽس جي دفعات ۾ شقن کي تبديل ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن کي هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو ويندو.

ان ڪري هاڻي 5 جولائي 1977 جي اعلان ۾ وقتي آئين 1981 جي حڪم جي تعميل ۾ گورنر سنڌ خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي ناهي نافذ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ يونيورسٽيز لاز (ترميم) آرڊيننس، 1982 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ XXIV ۽ XXV مجريه 1972 جي دفعه 14 ۽ 23 ۾ ترميم
Amendment of Sections 14 and 23 of Sind Acts XXIV of 1972

2. يونيورسٽي آف سنڌ ايڪٽ، 1972 ۽ يونيورسٽي ڪراچي ايڪٽ، 1972 ۾:-

(a) دفعه 14 جي ذيلي دفعه (4) جي شق (ix) جو هيٺيون متبادل هوندو.

"(ix) قومي پي اسڪيل جي سمورن گريڊن 1 کان 16

تائين آسامين تي مقرري ڪرڻ. "

(b) دفعہ 23 جي ذيلي دفعہ (2) جي شق (r) جو هيٺيون متبادل هوندو.

"(r) سليڪشن بورڊ جي سفارش تي قومي پي اسڪيل ۾ 17 گريڊ ۽ ان کان مٿي گريڊ تي مقرري ڪرڻ. "

3. N.E.D يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ 1977 ۽ مهراڻ يونيورسٽي ايڪٽ, 1977

سنڌ ايڪٽ II ۽ IV مجريہ 1977 جي دفعہ 16 ۽ 28 ۾ ترميم

Amendment of Sections 16 and 28 of Sind Acts II and IV of 1977

(a) دفعہ 16 جي ذيلي دفعو 2 جي شق (m) ۾ لفظ "پنج سئو کان مٿي بنيادي پگهار ڪٽڻ" جي جاءِ تي "قومي پي اسڪيل جي گريڊ 17 يا ان کان مٿي واري گريڊن ۾ " سان متبادل هوندو.

(b) دفعہ 28 ۾ شق (vi) ۾ لفظ " هڪ مهيني جي لاءِ بنيادي پگهار وٺڻ" "جيڪو پنج سئو کان ٽپي نہ وڃي" کي لفظن ۽ عددن "نيشنل پي اسڪيل جي سمورن گريڊن ۾ 16 گريڊ تائين" سان متبادل ڻاهيو ويندو.

4. سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي ايڪٽ 1977

سنڌ ايڪٽ II ۽ IV مجريہ 1977 جي دفعہ 16 ۽ 28 ۾ ترميم

Amendment of Section 16 of Sind Act V of 1977

(a) دفعہ 16 جي ذيلي دفعہ 2 جي شق (k) ۾ لفظ "پنج سئو رپين کان مٿي بنيادي پگهار ڪٽڻ" جي جاءِ تي "قومي پي اسڪيل 17 يا ان کان مٿي جي گريڊن " جا لفظ ۽ انگ متبادل هوندا.

(b) دفعہ 28 ۾ شق (vi) ۾ لفظ " هڪ مهيني جي لاءِ بنيادي پگهار جيڪا پنج سئو کان مٿي نہ هجي " ان جي جاءِ تي "نيشنل پي اسڪيل جي سمورن گريڊن ۾ 16 گريڊ تائين " جي لفظن ۽ انگن سان متبادل بڻايو ويندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.